SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1987

SINDHACT NO.VI OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1987

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 121 جي ترميم

Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڪجهہ قدمن ۽ حڪمن جي توثيق

Validation of certain actions and orders

4. 1987 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance III of 1987

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1987

SINDHACT NO.VI OF 1987

سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1987

[3 جون 1987]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1987 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعہ 121 ۾، ذيلي دفعہ (5) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ

شامل ڪيو ويندو:

"5_A. جتي ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن جو ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ ميمبر بورڊ جا چيئرمين ۽ ميمبر نہ ٿا رهن، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪو شخص يا ڪا اختياري چيئرمين ۽ ميمبرز جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿي."

دفعہ 121 جي ترميم

Amendment of Section 121 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. دفعہ 58 جي ذيلي دفعہ (2) تحت مقرر ڪيل شخص طرفان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس جي باب XVI تحت ڪنيل ڪو قدم يا جاري ڪيل ڪو حڪم، جيڪو 15 فيبروري 1987 کان شروع ٿيندڙ عرصي دوران هوندو ۽ جيستائين ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 121 جي ذيلي دفعہ (5_A) تحت ڪنهن کي چيئرمين مقرر ڪيو وڃي، تہ مقرر ڪيل شخص جي ان قدم کي ڪارگر سمجهيو ويندو.

ڪجهہ قدمن ۽ حڪمن جي توثيق

Validation of certain actions and orders

4. سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1987 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1987 جي سنڌ آرڊيننس III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance III of 1987

نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.